1. رياض ڪلهوڙو
2. ڊاڪٽر فياض لطيف

# شاهه لطف الله قادري ۽ شاهه لطيف جي ڪلام ۾ اصطلاحن جو تقابلي جائزو

# A Comparative Study of Idioms in the Poetry of Shah Lutufullah Qadri and Shah Latif

**ABSTRACT:**

*Shah Lutfullah Qadri and Shah Latif occupy a high position among the main poets of Sindh. When Shah Latif became well-versed, then Shah Lutfullah Qadri left this world, and his poetry was equally popular with all ranks, which Shah Sahib also believed and was impressed with. From a technical point of view, Shah Lutfullah Qadri's poem is very important. After studying the poetry of the two poets together, it is known that Shah Latif was well aware of the poetry of Shah Lutfullah Qadri and he was also influenced by him. Shah Latif has used many words, phrases, and verses of Shah Lutfullah Qadri in his speech. There is similarity and closeness in the depth of spiritual knowledge and ideas. In this research paper, the terms and idioms in the poetry of Shah Latifullah Qadri and Shah Latif have been pointed out, which have similarities. Similar terms and idioms are present in the poetry of both.*

سنڌي ٻوليءَ ۾ اصطلاحن ۽ محاورن جي اسلوب جي اهميت لسانياتي توڙي ثقافتي طرح نياري آهي. جيڪڏهن ٻوليءَ مان اصطلاحن ۽ محاورن کي ڪڍي ڇڏجي، هوند ٻوليءَ جو نقشو ئي بدلجي بگڙي ويندو. ٻوليءَ جو ادب ڪسو ٻسو بڻجي ويندو. ادب پنهنجو ادبي مفهوم وڃائي ٻي معنيٰ ٿي ويندو. اصطلاح ۽ محاورا هئيت، ترڪيب ۽ معنوي لحاظ کان ٻوليءَ جي خوبصورت پيداوار آهن. ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ۾ لکيو آهي ته:

"سنڌيءَ ٻوليءَ جو ڳچ جيترو خزانو سندس اصطلاحن ۽ پهاڪن ۾ سمايل آهي. اڪثر انهن ۾ نج سنڌي ڪم آيل آهي. هن وقت تائين فقط ڏيڍ هزار کن پهاڪا ڇپجي پڌرا ٿيا آهن. مصنف هيستائين ايترا ٻيا ٻه ڪٺا ڪيا آهن، پر پهاڪا اڃا گهڻا آهن ۽

---

1. سنڌي سبجيڪٽ اسپيشلسٽ، آءِ. بي. اي، پبلڪ اسڪول لاڙڪاڻو.
2. اسسٽنٽ پروفيسر، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو.

منجهن وڏي فيلسوفي سمايل آهي. پهاڪن ڪم آڻڻ ڪري مضمون سلوڻو ۽ سوادي ٿئي ٿو ۽ ساڳئي وقت انهن مان سڌ پوي ٿي تہ جنهن ملڪ ۾ اهي چوڻ ۾ اچن ٿا، تنهن جي ماڻهن جا مذهبي يا ڌرمي خيال، پنگتي رسمون ۽ ٻيا دستور ڪهڙا آهن“.(1)

ٻوليءَ جي اهميت جو دارومدار سندس لفظن جي ذخيري جي ڪيفيت تي هوندو آهي. لفظن جو ذخيرو ئي اهم ليکيو ويندو آهي.، جيڪو انهيءَ ٻوليءَ جي سماج ۾ رائج ريتن رسمن جي نهايت سهڻن، سادن، عام فهم ۽ نرم مزاج لفظن تي مشتمل هجي. لفظ فقرا جوڙين ٿا، فقرا وري جملا ٺاهين ٿا، جملا گڏجي تحرير ۽ تحرير جو اسلوب جوڙين ٿا. ادب ۾ جماليات جو عنصر بہ اهڙن فقرن ۽ جملن سان پيدا ٿئي ٿو ۽ پوءِ اهڙا لفظ فقرا ۽ جملا، اصطلاحن، محاورن، تشبيهن، استعارن ۽ ڪناين وغيره جو ويس ڌاري ظاهر ٿين ٿا. تحرير کي رنگين ۽ رسيلو بڻائيندا اڳتي وڌن ٿا. بهرحال اهو ڪهڪ مسلسل جاري رهندڙ عمل آهي، جيڪو بغير ڪنهن جهل پل، روڪ ۽ رنڊڪ جي جاري رهي ٿو ۽ ٻولي واڌ ويجھ ڪندي ترقيءَ جو سفر جاري رکي ٿي. ٻولي اهڙو سفر آزاد صورت ۾ جاري نہ ٿي رکي، مٿس ڪي بندشون عائد ٿين ٿيون. اهي بندشون بديع ۽ بيان جي صورت ۾ هميشہ چوڪيدار واري چوڪسي رکن ٿيون. اهڙين بندشن ۾ ئي ٻوليءَ جي ٻيهڪ جو خاڪو ۽ لغتون جڙن ٿيون. محاورا، اصطلاح يا ورجيسون لغت جي دائري ۾ شامل آهن. تنهن ڪري جهڙي طرح لغت ۾ لفظڻ ڪي قاعدن جي دائري ۾ آندو ويندو آهي، تهڙي طرح محاورن، اصطلاحن ۽ ورجيسن ڪي بہ قاعدن جي دائري ۾ آندو ويندو آهي. جيئن محاوري لاءِ ماهرن جيڪو قاعدو جوڙيو آهي، سو هن ريت آهي:

”محاوري جو اطلاق خاص ڪري انهن فعلن تي ٿيندو آهي، جيڪي ڪنهن اسم سان ملي ڪري، پنهنجي حقيقي معنيٰ بجاءِ مجازي معنيٰ ۾ استعمال ٿين ٿا“.(2)

اصطلاحن جي فني ۽ فڪري جوڙجڪ جو گهرائيءَ سان اڀياس ڪنداسين تہ اهو ٻين ادبي جنسن جهڙوڪ: ورجيس، محاوري، پهاڪي، مصطلحات، تلميح، اشاري کان بلڪل منفرد معلوم ٿيندو. انهيءَ اونهي نظر جي آڌار تي اصطلاح لفظ جي معنيٰ يا تشريح هن طرح مقرر ڪري سگهون ٿا:

”اهڙو فعلي فقرو جيڪو لغوي معنيٰ ۽ مفهوم کان هٽي ڪري، رواجي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ ڪم اچي، تہ اهڙي فقري کي اصطلاح چئبو آهي. جيئن: اُپُ ڦاڙڻ: جي رواجي معنيٰ ٿيندي، ٻاڙون هڻڻ، رڙيون ڪرڻ“.

شاهہ لطف الله قادري اگهم ڪوٽ جو ويٺل هو. سندس ولادت ۽ وفات جون تاريخون معلوم نہ ٿيون ٿين. البت سندس تصنيفن جي سَنَنَ مان اندازو لڳائي، چئي سگهجي ٿو تہ هو 1020 هہ (1611ع) ڌاري ڄائو ۽ 1090هہ (1679ع) ڌاري وفات ڪئي هوندائين. پنهنجي مشهور تصنيفن "منهاج المعرفت" ۽ "تحفت السالڪين" ۾ مکيہ نقطن کي سولو ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ وچ وچ تي پنهنجا ئي بيت ڏنا اٿس. ان کان سواءِ سندس سنڌي ۾ رسالو بہ ملي ٿو جيڪو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ايڊٽ ڪري انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان ڇپايو. مجموعي طور شاهہ لطف الله قاديءَ جا 357 بيت ملن ٿا.

شاهہ لطيف جڏهن ساڄاهہ ۽ سرت سان ٿيو تڏهن شاهہ لطف الله قادري هن جهان مان موڪلائي چڪو هو ۽ سندس بيت عام ۽ خاص تائين مقبول هئا. جيڪي شاهہ صاحب بہ يقين ٻڌا ۽ متاثر ٿيو. فني لحاظ کان شاهہ لطف الله قادري جو ڪلام نهايت اهم آهي.

شاهہ لطف الله قادري جي رسالي جو جائزو وٺجي تہ معلوم ٿئي ٿو تہ، ٻن سٽن کان وڌيڪ سٽن وارا بيت بہ لکيا اٿس. سندس بيتن ۾ وڌ ۾ وڌ سٽن جو تعداد يارنهن آهي. قافيو هر بيت جي پوئين سٽ جي وچ تي اچي ٿو. کائنس پهرين ٻن سٽن وارن بيتن چوڻ جو رواج هو. پر شاهہ لطف الله ان ۾ نواڻ آڻي سٽن جو تعداد وڌايو. شاهہ لطيف بہ ساڳي روايت برقرار رکي آهي. شاهہ لطف الل٥ قادري جي بيتن ۾ تڪرار واري خاصيت (وراڻ ) ملي ٿي. هي پهريون شاعر آهي. جنهن جي ڪلام ۾ هيءَ خاصيت موجود آهي، هن خاصيت موجب لاڳيتن بيتن ۾ ساڳيا لفظ يا فقرا وري وري ڪتب آيل آهن.

ٻنهي شاعرن جي شعر جو گڏيل اڀياس ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ، شاهہ لطيف، شاهہ لطف الله قادري جي ڪلام کان چڱي طرح واقف بہ هو تہ کائنس متاثر بہ هو. شاهہ لطيف، شاهہ لطف الله قاديءَ جا ڪيترائي لفظ، فقرا ۽ مصرعتون تضمين طور پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪيون آهن. معنوي اهڃاڻن ۽ خيالن جي گهرائي ۾ هڪجهڙائي ۽ ويجهڙائپ آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو رايو آهي تہ:

"شاهہ لطف الله قادري جي ڪلام جي پران، شاهہ صاحب ڪلام چيو آهي. ڪل 122 اهڙا بيت ملن ٿا، جن کان يا تہ شاهہ صاحب سڌو سنئون متاثر ٿيو آهي يا تضمين طور هن، شاهہ لطف الله قادري جا الفاظ ڪنيا آهن". (3)

ساموندين، ناڪئن، ڪاپڙين ۽ جوڳين وارا مضمون پهرين شاهہ لطف الله قاديءَ جي شعر ۾ ملن ٿا، پر شاهہ صاحب ساڳين مضمونن کي نهايت وضاحت ۽ نئين انداز سان بيان ڪيو آهي. اهو ئي سبب آهيجو شاهہ لطيف جو اسلوب بيان وڌيڪ وڻندڙ ۽ پُر اثر

آهي. هتي، شاهہ لطف الله قادري ۽ شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ موجود انهن اصطلاحن ۽ محاورن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي، جن ۾ يڪسانيت آهي. ساڳيا اصطلاح ۽ محاورا ٻنهي جي شاعريءَ ۾ موجود آهن:

**مت منجهڻ:** ٻڏ منجهڻ، عقل اجهڻ، سمجهہ نہ رهڻ، هوش نہ رهڻ، وائڙو ٿيڻ

**لطف الله قادري:**

"پسئو پر پرين جي، منجهيو وجي مت".(4)

"ات منجهئو وجي مت، حيرت هنيو سيڪو".(5)

**شاهہ لطيف:**

" متيون سڀ مہ نجهن، اِهڙي ڏِني ڦِضيي". (6)

" مَتِيون سڀ مَنجهاءِ، پاڻ ڇڏيُ لا جاڻ تون".(7)

**اوچون ٿيڻ:** منجهڻ، حيرن ٿيڻ

**لطف الله قادري:**

" عقل ُات اوڇون ٿئو، نکا فکر جاءِ"(8)

"عقل ات اوچون ٿئو، عالم ڪين وجن".(9)

"عقل ات اوڇون ٿئو، وئو وڇائي پاڻ".(10)

**شاهہ لطيف:**

" عاقِل ٿِيا اوچون ٿِئا، پورو ڪوہ نہ لڄي".(11)

**ٻَن ڏيڻ:** ڪڏ ۾ وجهڻ، ڇڏي ڏيڻ، ترڪ ڪرڻ

**لطف الله قادري:**

"ڪل شيءُ يرجع اليٰ اصله، ٻيون ڏنائون ٻن"(12)

"هلئا جي حق ڏونهہ، ٻيون ڏيئي ٻن".(13)

**شاهہ لطيف:**

" ٻانڊُئان ٿِيا ٻَن ڏِيان َ لِغچ ۽ عِبير".(14)

**اڪيون ڪڍڻ:** منهن مٿي ڪري ڏسڻ، مٿي نهارڻ، ڪنڌ مٿي ڪڍڻ، ڪنڌ مٿي ڪڍي ڏسڻ، نطر ڪرڻ

لطف الله قادري:

”هُس ان پئون، ٻي ڏونهه اڪيون نه ڪڍي“.(15)
”اوءِ پاڻهي ماڳ، اڪيون اوڏاهين ڪڍي“.(16)
”سي ايا اله سوءِ ٻئي ڏونهه اڪيون نه ڪڍي“.(17)
”سي ايا اله سوءِ ٻئي ڏونهه اڪيون نه ڪڍي“.(18)
”هُس ان پئون، ٻي ڏونهه اڪيون نه ڪڍي“.(19)

شاهه لطيف:

” ڪڍَ ڪِيُون ڪِل يار، وجن سُور سنڌا ڪِئو“.(20)

**پاڻ وڃائڻ:** تصوف جو اصطلاح. نفس مارڻ، نوڙت ڪرڻ، نياز ڪرڻ، هٺ وڃائڻ

لطف الله قادري:

”ايڏانهه سيئي آئيا، جن وڃايو پاڻ“.(21)

شاهه لطيف:

”پاڻ وڃايم پانهنجو پئي پريان جي پاس“.(22)
”سامي آهي سو، جنهه واڻ وڃائي پورئو“.(23)
”پاڻ وڃائي پانهنجا، تورا توڪ هنيام“. (24)

**نانگو نسورو ٿيڻ:** الف اگهاڙو ٿيڻ، سڏون ترڪ ڪري ڇڏڻ

لطف الله قادري:

”نانگا نسورا ٿئا، ڇڏي سيائي سڏ“.(25)
”جيڪي (ئي) نانگا ٿئا، لهندس پڻ سيئي“.(26)

شاهه لطيف:

”هڻِي توبه تاڻ، نانگا نِسورا ٿِئا“.(27)

**ڏونگر ڏورڻ:** جبل جهاڳڻ، تڪليفون سهڻ

لطف الله قادري:

”اوءِ پيهي وئا پاڻ ۾، ڏوري ڏونگر ڏور“.(28)

شاهه لطيف:

” ڄمتان ڏونگر ڏورئين اڄهي جيئن عوامُ“.(29)

”رڃن راتِ رهِي، جڙي ڏونگر ڏوريا“.(30)

” جي ڪو ڪُٺ ڪري، تہ ڏونگر ڏورڻ ڏاکڙو“.(31)

” تان ڪِين ڏونگرُ ڏوريان، جان نہ وِهامي راتِ“.(32)

**دونهين دکائڻ:** باهه ٻارڻ، باهه جو مچ مچائڻ، آستانو ڪري ويهڻ، لڏو لاهي ويهڻ، شروع ڪرڻ، راس ڪرڻ، ڏرٽو ڏيڻ، ڪپ ڪوڙي ويهڻ

لطف الله قادري:

”سانجهي وير سواريون، تا دونهين دکائڻ“.(33)

شاهه لطيف:

” دُونهين منهنجي دِلِ تي، وِڙا دوستَ دُکائي“.(34)

” اِيندا آديسِي وري دُونهيُون دُکائي“.(35)

” آڏِيءَ آديسِين جون دُونهيون ٿِيون دُکن“.(36)

” دُونهين دُکڻ ڇڏِيو پيئِي ڏامي رک“.(37)

**لاڳاپا لاهڻ:** آسرو لاهڻ، تعلق ٽوڙڻ، اميد پلڻ

لطف الله قادري:

”جوڳي جڳان نڱئا، لاهي لاڳاپا سين لوڪ“.(38)

شاهه لطيف:

”لاهي لاڳاپا لنگهه تون سيٽن ڏانهه سچي“.(39)

” سُڏن جا سيد ڇڳي لاڳاپا لاهيجِ“.(40)

**واٽ ٽيڻ:** <u>گس لڳڻ، راهہ لڳڻ، ڏڳ لڳڻ، رستو ملڻ، پنڌ پوڻ، هلڻ</u>

لطف الله قادري:

”اوءِ ڏونهين وارا دام، ڏيئي وره واٽ ٽئا“.(41)

شاهہ لطيف:

” جان وڃيين تان وڃهہ ڪِ- وڃيو تان واٽ ٽِيءُ“.(42)
” وڻي وڙ واٽ ٽِئا ٻو ڇڙهي بانڪا“.(43)
” وڻي وڙ واٽ ٽِئا، ٻنهون ڄام ٻهس“.(44)
”وڄائي و اٽ ٽِئا، جوڳِي ڄڳاٽي“.(45)
” جوڳِي ڄڙُوتان، وڄائي واٽ ٽِئا“.(46)
” سامِي ڪِٽِي سنڪہ وڄائي واٽ ٽِئا“.(47)

**ڪر موڙڻ:** <u>آرس ڀڃڻ، لڱ ڀڃڻ</u>

لطف الله قادري:

”ان ايي اوطاقن ۾، ڪر موڙئا ڪال“.(48)

شاهہ لطيف:

” ڪِتين ڪر موڙِيا، ٽيڙو ڙيا ٽريئِي“.(49)
”آءٌ ته و پيراندِئا، ڪر موڙئو ور ڙلِيان“.(50)

مٿين تقابلي اڀياس مان نتيجو اهو ٿو نڪري تہ، شاهہ لطف الله قادري شاهہ لطيف جو وڏو معاصر آهي. ٻنهي شاعرن جي ڪلام ۾ تمام گهڻي فڪري هڪجهڙائي آهي. اهو ئي سبب آهي جو جيڪي اصطلاح ۽ محاورا شاهہ لطف الله قادريءَ پنهنجي ڪلام ۾ آندا آهن، لطيف سائينءَ جي ڪلام ۾ بہ ساڳيا اصطلاح ۽ محاورا آهن، پر بيان جو ڍنگ لطيف وٽ نرالو ۽ تمام گهڻو مٿانهون آهي.

## حوالا:


1. آڏواڻي، مهرچند، ڀيرومل. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ. حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، 1992ع، ص 191
2. صديقي، ابوالاعجاز حفيظ. ڪشاف تنقيدي اصطلاحات. اسلام آباد: مقتدره قومي زبان، طبع دوئم، 1985ع، ص 65

3. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش. شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام. حيدرآباد: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ 2010ع، ص 18
4. ساڳيو ص 54
5. ساڳيو ص 94
6. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش. شاهه جو رسالو. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، 2016ع، ص 893
7. ساڳيو ص 941
8. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش. شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام. حيدرآباد: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ 2010ع، ص 55
9. ساڳيو ص 63
10. ساڳيو ص 81
11. شاهواڻي، غلام محمد. شاهه جو رسالو. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، 2013ع، ص 63
12. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش. شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام. حيدرآباد: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ 2010ع، ص 62
13. ساڳيو ص 114
14. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش. شاهه جو رسالو. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، 2016ع، ص 1010
15. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش. شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام. حيدرآباد: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ 2010ع، ص 68
16. ساڳيو ص 96
17. ساڳيو ص 101
18. ساڳيو ص 130
19. ساڳيو ص 139
20. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش. شاهه جو رسالو. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، 2016ع، ص 1138
21. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش. شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام. حيدرآباد: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ 2010ع، ص 88
22. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش. شاهه جو رسالو. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، 2016ع، ص 417
23. ساڳيو ص 834
24. ساڳيو ص 935
25. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش. شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام. حيدرآباد: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ 2010ع، ص 99
26. ساڳيو ص 99

27. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش، شاهہ جو رسالو. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، 2016ع، ص 861
28. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش. شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام. حيدرآباد: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ 2010ع، ص 101
29. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش، شاهہ جو رسالو. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، 2016ع، ص 265
30. ساڳيو ص 266
31. ساڳيو ص 266
32. ساڳيو ص 269
33. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش. شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام. حيدرآباد: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ 2010ع، ص 113
34. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش، شاهہ جو رسالو. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، 2016ع، ص 509
35. ساڳيو ص 801
36. ساڳيو ص 853
37. ساڳيو ص 888
38. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش. شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام. حيدرآباد: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ 2010ع، ص 115
39. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش، شاهہ جو رسالو. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، 2016ع، ص 433
40. ساڳيو ص 440
41. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش. شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام. حيدرآباد: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ 2010ع، ص 117
42. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش، شاهہ جو رسالو. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، 2016ع، ص 51
43. ساڳيو ص 532
44. ساڳيو ص 602
45. ساڳيو ص 818
46. ساڳيو ص 850
47. ساڳيو ص 888
48. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش. شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام. حيدرآباد: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ 2010ع، ص 117
49. ساڳيو ص 674
50. ساڳيو ص 722